قرآني بيان

# قرآن
# بي مثال ڪتاب آهي

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

**1-August-2025**

جمعة المبارک جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ پهرين
آگسٽ، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ 6 صفر شريف، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# قرآن بي مثال ڪتاب آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿.. غير مسلمن کي چيلينج ......

✿.. قرآن نعتِ مصطفيٰ آهي......

✿.. قرآن جي حق ۾ شاهديون ...........

✿.. قرآن ڪريم جون ڪجهه اهم خاصيتون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

شفاعت فرمائڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مون تي صبح ۽ شام 10، 10 دفعا درود پاڪ پڙهندو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.[1]

| | |
|---|---|
| ہمیں جائیں گے خُلد میں سب سے پہلے | نبی کے ہیں ہم اور جنت نبی کی |
| بنائے گئے ہم شفاعت کی خاطر | ہمارے لیے ہے شفاعت نبی کی (2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي):

وَ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ص وَ ادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۳﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَ لَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ ج اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۴﴾

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]… الترغيب والترهيب، كتاب النوافل،الترغيب فى آيات القرآن... الخ، صفحه:223، حديث:29۔

[2]… قبالهٔ بخشش، صفحه:313.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سُوْررت الْبَقَرة، آيت: 22 پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، سُوْرَۃُبَقَرَہ جي ابتدائي آيتن ۾ ارشاد ٿيو:

ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَیْبَ ۛۚۖ فِیْهِ ۛۚ هُدًى لِّلْمُتَّقِیْنَ ۙ﴿۲﴾ (پارو:1، البقرة: 2)

ترجمو ڪنزالعرفان: اهو وڏي رُتبي وارو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي ان ۾ ڊڄڻ وارن جي لاءِ هدايت آهي.

هي قرآن ڪريم جون **2** اَهَم ۽ بنيادي صفتون آهن: **(1):** قرآن لَارَيْب ڪتاب آهي **(2):** قرآن ڪريم هدايت جو ڪتاب آهي.

ان ڪان پوءِ يعني سُوْرَۃُبَقَرَہ جي آيت نمبر **2** ڪان آيت نمبر **20** تائين تفصيل سان قرآن ڪريم جي ڪتابِ هدايت هجڻ جو واضح بيان آهي، ڪير آهي جيڪو هن ڪتابِ کي پڙهي هدايت قبول ڪندو آهي ۽ اهي ڪهڙا بدبخت آهن جيڪي هن هدايت واري ڪتاب کي پڙهي يا ٻڌي به هدايت جي راهه تي نه ايندا آهن، ان کي به تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، مثلاً اهو ٻڌايو ويو ته اَهلِ تقويٰ جن جي دلين ۾ هدايت قبول ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي، جيڪي ضدي ناهن، مڃڻ واري طبيعت رکندڙ آهن، اهي هدايت قبول ڪندا آهن، پر ڪافر ۽ منافق جن جي فطرت ۾ ضد ۽ هٺ ڌرمي آهي، جيڪي ازلي بدبخت آهن، اهي هدايت قبول نه ڪندا آهن.

هاڻي هتان ڪان يعني آيت نمبر **23** ۽ **24** ڪان قرآن ڪريم جي لَارَيْب (يعني جنهن ۾ ڪو به شڪ نه هجي) ڪتاب هجڻ کي بيان ڪيو ويو آهي.

## غير مسلمن کي چيلينج

اَلْحَمْدُلِلّٰه! قرآن ڪريم لَارَيْب ڪتاب آهي، ان ۾ ڪوبه شڪ ۽ شبهو نه آهي پر غير مسلم پنهنجي هوڏ سبب ان تي اعتراض ڪندا هئا. قرآن ڪريم بابت مڪي جي ڪافرن ۽ ٻين غير مسلمن جو بنيادي نظريو اهو هو ته هي ڪتاب الله پاڪ جي طرفان نازل ٿيل نه آهي. جيڪڏهن ڪائنڻ پڇيو ويندو هو ته جيڪڏهن هي الله پاڪ جو ڪلام نه آهي ته پوءِ ڇا آهي؟ ان سوال جو ڪو

خاطرخواهہ جواب خود انهن غير مسلمن وٽ بہ موجود نہ هو. ان بابت هُو مختلف حيلا ۽ بهانا ٺاهيندا هئا، مثلاً: ۞ ڪو چوندو هو تہ اها شاعري آهي ۞ ڪو چوندو هو هي نجومين ۽ ڪاهنن جون ڳالهيون آهن ۞ ڪو چوندو هو هي جادو آهي ۞ ڪو چوندو هو: مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ڪلام پاڻ ٺاهيو آهي يا ڪنهن کان نهرايو آهي. مطلب تہ جيترا هئا وات، ايتريون هيون ڳالهيون، ڪوبہ غير مسلم واضح طور تي اهو ثابت نہ ڪري سگهيو هو تہ جيڪڏهن هي ڪتاب الله پاڪ جو ڪلام نہ آهي تہ پوءِ ڇا آهي؟

الله پاڪ انهن غير مسلمن جي سيني شڪن ۽ فضول الزامن جو صرف هڪ ئي جواب ارشاد فرمايو:

وَ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن توهان کي هن ڪتاب جي باري ۾ ڪو شڪ آهي جيڪو اسان پنهنجي خاص ٻانهي تي نازل ڪيو آهي.

يعني جيڪڏهن توهان کي شڪ آهي تہ هي قرآن ڪريم الله پاڪ جو ڪلام نہ آهي تہ پوءِ هڪ ڪم ڪيو!

فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪

ترجموڪنزالعرفان: تہ پوءِ توهان ان جهڙي هڪ سورت ناهي آڻي ڏيکاريو.

يعني اي غير مسلمو! ۞ توهان بہ انسان آهيو، اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ انسان آهن ۞ توهان بہ عربي آهيو، اهي بہ عربي آهن ۞ توهان بہ ان ملڪ جا رهواسي آهيو، جتي اهي رهندا آهن ۞ توهان وڏا زبان جا ڄاڻو بہ آهيو ۞ توهان ۾ وڏا وڏا شاعر بہ موجود آهن ۞ وڏا وڏا نجومي ۽ ڪاهن بہ موجود آهن، اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ اُمِي آهن يعني هِنَ دنيا ۾ پاڻ ڪنهن کان ڪجهہ بہ ناهي سکيو، پر توهان ۾ تہ پڙهيل لکيل ماڻهو بہ آهن، وڏا وڏا تجربيڪار بہ موجود آهن. جيڪڏهن توهان جي اها دعوا آهي تہ هي ڪلام مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ناهيو آهي، تہ پوءِ توهان بہ اهڙو ڪلام ناهي ڏيکاريو! ۽ گهڻو نہ، صرف هن ڪلامِ ڪريم جي ننڍڙي کان ننڍڙي سورت جهڙي هڪ سورت ئي ناهي ڏيکاريو!

وڏيڪ هي ته ان ۾ اهڙي ڪا به پابندي نه آهي ته ڪو هڪ ئي ماڻهو اهو ڪم ڪري، پر توهان کي مڪمل آزادي ڏني وڃي ٿي:

| | |
|---|---|
| وَ ادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ(۲۳) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله کان سواءِ پنهنجا سڀ مددگار سَڏيو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. |

يعني توهان سڀئي گڏجي وڃو! سمورا شاعر جمع ڪريو! سڀني ڪاهنن ۽ نجومين کي گهرايو! جنهن جنهن کي هن ڪم ۾ پنهنجو مددگار سمجهو ٿا، تنهن تنهن کي وٺي اچو! جيڪڏهن توهان ان جهڙي هڪ سورت به ناهي ورتي ته سمجهجو ته توهان سچا آهيو ۽

| | |
|---|---|
| فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَ لَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِیْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ ۚۖ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِیْنَ(۲۴) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جيڪڏهن توهان اهو نه ڪري سگهو ۽ توهان هرگز نه ڪري سگهندؤ ته ان باهه کان ڊڄو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن. اها ڪافرن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. |

يعني جيڪڏهن توهان سمورا گڏجي هڪ ننڍڙي کان ننڍڙي سورت جهڙي هڪ سورت به نه ناهي سگهو ۽ واقعي توهان ائين نه ڪري سگهندؤ ته پوءِ ڄاڻي وٺو ته توهان ڪُوڙا آهيو، اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچا آهن، تنهنڪري انهن جو ۽ انهن تي نازل ٿيڻ واري هن ڪلامِ مجيد جو مقابلو ڪري پاڻ کي جهنم جو حقدار نه بڻايو! ڊڄو! ان باهه کان جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن ۽ اها ڪافرن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريمه مان سکڻ واريون ڳالهيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن مجيد جي انهن ٻنهي آيتن ۾ اسان جي لاءِ ڪيترائي سبق موجود آهن:

## قرآن نعتِ مصطفيٰ آهي

سڀ ڪان پهريان ته ان ڳالهه تي غور ڪريو! ته غير مسلمن ڪي اعتراض الله پاڪ جي ڪلام تي نه هو، انهن ڪي اعتراض مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچائي ۽ صداقت تي هو. اُهي ائين نه چوندا هئا ته الله پاڪ ڪتاب نازل نه ٿو ڪري سگهي، بلڪ اُهي چوندا هئا ته الله پاڪ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪلام نازل نه ڪيو آهي، هنن اهو پاڻ ناهيو آهي، اهي (معاذ الله!) ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن ته هي الله پاڪ جو ڪلام آهي.

مطلب ته انهن ڪي صداقتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اعتراض هو، الله پاڪ ان جي جواب ۾ به قرآنِ ڪريم متعلق ئي چيلنج ارشاد فرمايو، يعني فرمايو: اي غير مسلمو! جيڪڏهن توهان ڪي اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صداقت تي اعتراض آهي ته ان جو جواب به اسان جو ڪلامِ مجيد ئي آهي. توهان قرآن پڙهو، ان جهڙو ڪلام ناهي ڏيکاريو! جيڪڏهن توهان ناهي ڏيکاريو ته توهان سچا، اسان جا محبوب ڪوڙا ۽ جيڪڏهن ائين نه ڪري سگهو ته پوءِ مڃيو ته اسان جو پيارو ڪلام قرآن مجيد ئي ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته اسان جا محبوب، مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچا آهن. (1)

اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان عاشقانِ رسول جو اهو مڃڻ آهي ته پورو جو پورو قرآن نعتِ مصطفيٰ آهي. ان بابت بين ڪيترن ئي دليلن سان گڏ هڪ دليل هي به آهي ته قرآن ڪريم جي هڪ هڪ آيت، هڪ هڪ سورت، ان جو مطلب چاهي ڪجهه به هجي، ان جو مفهوم ڪهڙو به هجي، جيڪڏهن اها قرآن جي سورت آهي ته صداقتِ مصطفيٰ ڪي به بيان ڪري رهي آهي.

## قرآن جهڙو ڪو به ڪتاب نه آهي

خليفي مامُون الرشيد جي دور جي ڳالهه آهي، هڪ ڀيرو خليفي جي دربار ۾ هڪ يهودي آيو، هن تمام سنيون ڳالهيون ڪيون، مامُون الرشيد ڪيس اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني پر هن انڪار ڪيو. هڪ سال ڪان پوءِ هو

1...تفسيرِ نعيمی،پاره:1،البقره،زيرِ آيت:23 ،جلد:1 ،صفحه:219- 220 ماخوذًا۔

بيهر آيو، ان وقت هو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي چڪو هو ۽ هن گهڻو ڪجهه علمِ دين به سکي ورتو هو. جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته تنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو سبب ڪهڙو بڻيو، ته هن وراڻيو: گذريل سال جڏهن آئون اوهان جي مجلس مان اٿي ويس ته مون مختلف مذهبن جو امتحان وٺڻ جو ارادو ڪيو.

جنهن ڪري مون توريت، انجيل ۽ قرآن ڪريم جا 3،3 نسخا لکيا، جن ۾ مون پنهنجي طرفان گهٽ وڌائي ڪري ڇڏي، اهي نسخا ڪٺي مان يهودين ۽ عيسائين وٽ ويس، هنن مون کان اهي نسخا خريد ڪري ورتا، پر جڏهن آئون قرآن ڪريم جا اُهي بدليل نسخا ڪٺي اسلامي ڪُتب خاني ۾ ويس ته هنن انهن کي غور سان پڙهيو، جڏهن هنن ڏٺو ته انهن ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي ته هنن اهي نسخا خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان مان مون تي اسلام جي سچائي واضح ٿي وئي ۽ آئون ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس.[1]

مُبَدَّل ہوئے انبیا کے صحائف | مُحَرَّف نہ ہو گا صحیفہ تمہارا[2]

**وضاحت:** بين انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلام تي جيڪي صحيفا ۽ ڪتاب نازل ٿيا، سندن امتن انهن جو قدر نه ڪيو ۽ انهن ۾ تبديليون ڪري ڇڏيون، پر اي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو اوهان جو شان آهي ته الله ڪريم توهان تي نازل ٿيل ڪتاب يعني قرآن پاڪ جي حفاظت جو ذِمو پاڻ تي کنيو آهي، تنهنڪري توهان تي نازل ٿيل ڪتاب قرآن ڪريم ۾ ڪڏهن به تبديلي نه ٿِي، ٿِي سگهي.

سُبۡحٰنَ الله! هي پاڪيزه ڪلام قرآن ڪريم ...!! الحمدلله! هي مبارڪ ڪتاب اڄ به صديون گذرڻ باوجود رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي نبي ۽ اسلام جي سچي دين هجڻ جو واضح ثبوت آهي.

## تنهنجي اڳيان ائين ئي ڏٻيل گهٻرايل

پيارا اسلامي ڀائرو! جنهن دَور ۾ قرآن پاڪ نازل ٿيو، اهو اَهلِ عرب جي فصاحت ۽ بلاغت جي عُروج جو زمانو هو، عرب وارن کي پنهنجي زبان

1... تفسيرِ قرطبی،پاره:14،الحجر،زيرِ آيت:9،جز:10،جلد:5،صفحہ:5ملتقطًا۔
2...قبالۂ بخشش،صفحہ:31۔

داني تي وڏو ناز هو، ايسيتائين جو اَهي پاڻ کان سواءِ ٻين سڀني قومن کي عجمي سڏيندا هئا، يعني انهن جو اهو خيال هو تہ اصل ۾ ڪلام ڪرڻ تہ اسان کي ئي ايندو آهي، باقي سڀ تہ گونگا آهن، جهڙي شاعري اسان ڪيون ٿا، تهڙي شاعري ٻيو ڪو بہ نہ ٿو ڪري سگهي، جنهن انداز ۾ جنهن ڍنگ سان اسان ڳالهائڻ ڄاڻون ٿا، اهڙي نموني دنيا جي ڪا بہ قوم ڪلام نہ ٿي ڪري سگهي.

اَهلِ عرب جو ٻار ٻار وڏو ڪمال جو شاعر ۽ زبان دان هوندو هو. تاريخ ۾ سندن زَبان داني جا اهڙا اهڙا واقعا آهن جو عقل حيران ٿي ويندو آهي. هڪ ڀيرو هڪ عربي سفر ۾ هو، ان جا ٻہ دوست بہ ساڻس گڏ هئا، ان وٽ ڪافي قيمتي سامان هو، رستي ۾ ٻنهي دوستن جي نيت ۾ فتور آيو ۽ هنن ڪيس قتل ڪري ان جي قيمتي سامان تي قبضو ڪري ورتو. جڏهن اهو شخص مرڻ لڳو تہ هن هڪ شعر پڙهيو ۽ ڪين چيائين تہ هي شعر منهنجي گهر وارن کي ٻڌائجو. هاڻي هِي ٻئي دوست ان جي گهر پهتا، مرڻ واري جي گهر وارن کي ٻڌايائون تہ اوهان جو ماڻهو رستي ۾ فوت ٿي ويو هو، هي ان جو ڪجهہ سامان آهي، اهو رکي ڇڏيو، ساڳئي وقت اهو شعر بہ ڪين ٻڌايائون. بس اهو شعر ٻڌڻ جي دير هئي، ان فوت ٿي ويل شخص جي ڌيءَ فوراً چيو: هي ٻئي ماڻهو منهنجي والد جا قاتل آهن، انهن کي فوراً پڪڙيو وڃي. بعد ۾ جڏهن تحقيق ڪئي وئي تہ سڀ ثبوت ملي ويا ۽ انهن جو قاتل هجڻ ثابت ٿي ويو.(1)

هتي غور ڪريو تہ! اهو شخص ڪلام ڪرڻ ۾ ڪيترو ماهر هو ۽ ان جي ڌيءُ ڪلام کي سمجهڻ ۾ ڪيتري ماهر هئي، هن ڪهڙي طرح خفيہ انداز ۾ پنهنجي قتل جو سڄو داستان هڪ مصرعي ۾ ٻڌائي ڇڏيو۽ ڇوڪِريءَ ان کي سمجهي بہ ورتو. اهڙن ماهر زبان دانن کي چيلنج ڪيو ويو:

فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۠

ترجموڪنزالعرفان: تہ پوءِ توهان ان جهڙي هڪ سورت ناهي آڻي ڏيکاريو.

پر قربان وڃجي! هي ڪلام الله پاڪ جو ڪلام آهي، هي قرآن ڪريم بي مثال ڪتاب آهي. اَهلِ عرب 23 سالن تائين اسلام جو مقابلو ڪندا رهيا، دينِ اسلام کي دنيا مان مٽائڻ خاطر هنن تن، من، ۽ ڌن جون بازيون لڳائي

---

1...طبقات الشافعية الكبرىٰ،مقدمة،جلد:1،صفحہ:279خلاصةً۔

ڇڏيون، جنگيون ڪيون، قتل ٿيا، غلام بڻايا ويا، هنن گهڻو ڪجهه ڪيو پر قرآن جو مقابلو نه ڪري سگهيا. هي سيئي گڏجي قرآن پاڪ جي هڪ ننڍڙي سورت مثلاً سُوْرَةُ الْكَوْثَر جهڙيون صرف 3 آيتون به نه ناهي سگهيا ۽ ناهي به ڪيئن ٿي سگهيا، ڇاڪاڻ ته هي الله پاڪ جو ڪلام آهي، ان جهڙو ڪلام ناهڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ئي نه آهي.

ترے آگے یوں ہیں دبے لچے فصحاء عرب کے بڑے بڑے
کوئی جانے منہ میں زباں نہیں، نہیں بلکہ جسم میں جاں نہیں

**وضاحت:** اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي زبانِ مُقَدَّس مان ادا ٿيندڙ الله پاڪ جي ڪلام قرآن مجيد جي شان ۽ عظمت جي سامهون عرب جا وڏا وڏا شاعر، وڏا وڏا ماهرِ فن بلڪل بيوَس آهن، ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ ته سندن منهن ۾ زبان ئي نه آهي، نه...!! نه، بلڪ ڄڻ ته انهن جي جسم ۾ جان ئي نه آهي.

## قرآن جي حق ۾ شاهدِيون

ايئن نه آهي ته عرب وارن قرآن پاڪ سان مقابلي ڪرڻ جون ڪوششون نه ڪيون، هنن ڪوششون ته ڪيون پر عاجز رهيا. جيڪو به عربي، وڏي ڪان وڏو فصيح، وڏي ڪان وڏو شاعر، ماهر عربي دان قرآني آيتن ڪي ٻڌندو هو ته اِهو ئي چوندو هو ته هي ڪنهن انسان جو ڪلام ئي نه آهي. ۞ هڪ دفعي هڪ اعرابي هيءَ آيت ٻڌي:

فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ
(سيپارو: 13، اليوسف: 80)

**ترجموڪنز العرفان:** پوءِ جڏهن هُو يائر ان ڪان مايوس ٿي ويا ته اڪيلائي ۾ وڃي صلاح ڪرڻ لڳا.

ته چوڻ لڳو: مان گواهي ڏيان ٿو ته ڪا به مخلوق هن ڪلام جهڙو ڪلام ڪرڻ جي طاقت نه ٿي رکي.[(1)]

۞ ابن مُقَفَّع تابعين جي زماني جو هڪ تمام وڏو ماهر شاعر هو. هن هڪ

1...ڪتاب الشفا بتعريف حقوق المصطفیٰ،الباب الرابع، صفحہ:199۔

دفعي قرآن ڪريم جي مقابلي ۾ ڪجهه لکڻ شروع ڪيو. هڪ ڏينهن سندس گُذَر ڪنهن مدرسي جي پرسان ٿيو جتي هڪ ٻار هيءَ آيت پڙهي رهيو هو:

وَ قِيْلَ يٰۤاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَ يٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَ غِيْضَ الْمَآءُ وَ قُضِيَ الْاَمْرُ وَ اسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَ قِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ﴿۴۴﴾ (پارو: 12، هود: 44)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ حڪم فرمايو ويو ته اي زمين! پنهنجو پاڻي ڳِيهي وڃ ۽ اي آسمان! بِيهِي وڃ ۽ پاڻي خُشڪ ڪيو ويو ۽ ڪم پورو ٿي ويو ۽ اها ٻيڙي جُودي جبل تي بيٺي رهي ۽ فرمايو ويو: ظالمن لاءِ دُورِي آهي.

ابن مقفع هيءَ آيت ٻڌي ته حيران ٿي ويو، فوراً واپس موٽي آيو ۽ جيڪو ڪجهه لکيو هئائين اهو سڀ مٽائي ڇڏيائين ۽ چيائين: مان گواهي ڏيان ٿو ته هن ڪتاب جو مقابلو نه ٿو ڪري سگهجي، هي انسان جو ڪلام نه آهي. (1)

۞ يحيٰ بن حڪم اَلْغَزال، جيڪو ٻي يا ٽين صديءَ جو تمام وڏو شاعر هو، هن به هڪ دفعو قرآن ڪريم جو مقابلو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن سوچيو ته سورة الاخلاص جي مقابلي ۾ ڪجهه لکان، اهڙي ارادي سان جڏهن هُن سورة الاخلاص پڙهي ته ان تي هيبت طاري ٿي وئي ۽ ان توبه ڪري ورتي. (2)

۞ امام محمد بن مسلم نحوي بيان ڪن ٿا ته: هڪ ڏينهن اسان اعجازِ قرآن (يعني قرآن جي معجزو هئڻ) بابت ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين، اتي هڪ فاضل شيخ به موجود هو. هن چيو: آخرڪار قرآن ڪريم ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جو ڪو به ان جو مقابلو نه ڪري سگهيو آهي؟ مان صرف ٽن ڏينهن ۾ ان جي مقابلي ۾ ڪلام لکندس. پوءِ هو ڪاغذ ۽ قلم کڻي هڪ بالاخاني ۾ هليو ويو. ٽي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ جڏهن ڪمري جو دروازو کوليو ويو ته ماڻهن ڏٺو ته سندس هٿ قلم تي سڪي چڪو هو (يعني هو ٽن ڏينهن جي سوچ ويچار کان پوءِ به هڪ لائين به نه لکي سگهيو هو) (3)

۞ حضرت ابوذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ مشهور صحابي آهن. سندن هڪ ڀاءُ

1...شرح الزرقانی،المقصد الرابع فی معجزاته ...الخ،جلد:6،صفحه:444ملتقطاً۔
2...سيرتِ رسولِ عربی صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،صفحه:387 بتغير قليل۔
3...حجة الله علی العالمين فی معجزات سيد المرسلين ، الفصل الثانی فی بيان وجوه اعجازه،صفحه:228ملتقطاً۔

تمام وڏو شاعر ۽ عربي دان هو. پاڻ فرمائن ٿا: هڪ دفعي هُو مڪي شريف ويو. گهڻي وقت کان پوءِ جڏهن هو واپس موٽي آيو تہ مون ڪانئس حال احوال پڇيو تہ هن وراڻيو: مان مڪي مڪرمہ ۾ هڪ شخص سان مليس، جنهن جي دعوا هئي تہ هو الله جو رسول آهي. حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا مون پڇيو: ماڻهو هن جي باري ۾ ڇا ٿا چون؟ وراڻيائين: ماڻهو چون ٿا تہ هو شاعر آهي، ڪاهِن آهي، جادوگر آهي. پوءِ منهنجي ڀاءُ چيو: الله جو قسم! مون ڪاهنَن جو ڪلام ٻڌو آهي، هُن جو ڪلام (يعني قرآن مجيد) ڪاهنن جهڙو نہ آهي. مون هن جي ڪلام کي شاعري جي سيني صِنفُن سان ڀيٽي ڏٺو آهي، اهو ڪلام شعر بہ نہ آهي. الله جو قسم! هو سچو نبي آهي ۽ ڪافر بيشڪ ڪوڙا آهن.

پنهنجي ڀاءُ جي طرفان ٻڌايل اهڙين ڳالهين کان متاثر ٿي، حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ مڪي مڪرمہ پهتا ۽ ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪيائون. (1)

## قرآن کی شیرینی ہے شیرینیٔ حقیقی | شیرینیٔ قرآں کا مزا اور ہی کچھ ہے

۞ هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد ۾ اڪيلا ويٺا هئا. قريشن پنهنجي سردار عتبہ بن ربيعہ کي سندن خدمت ۾ موڪليو. هن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڪافي ڳالهيون ڪيون ۽ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هن ڳالهہ تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسلام جي تبليغ ڪرڻ بند ڪن. سندس سيني ڳالهين جي جواب ۾ آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صرف ايترو ڪيو جو سورة حٰمٓ اَلسَّجْدَہ جون ڪجهہ آيتون تلاوت ڪيون. اُهي آيتون ٻڌي عتبہ جي مٿان هيبت طاري ٿي وئي. هو قريشن وٽ واپس موٽي آيو ۽ چوڻ لڳو: الله جو قسم! مان اهڙو ڪلام ٻڌو آهي، جو ان جهڙو ڪلام ڪڏهن بہ نہ ٻڌو آهي. الله جو قسم! اهو نہ ڪو شعر آهي، نہ ڪو جادو آهي ۽ نہ ئي ڪاهنن

---

1...مسلم،کتاب فضائل الصحابہ،باب من فضائل ابی ذر،صفحہ:962،حدیث:2473 خلاصۃً۔

جهڙو ڪلام آهي. (1)

مطلب ته مڪي جا ڪافر ۽ ٻيا تمام وڏا وڏا شاعر ۽ عربي دان هن ڳالهه جي پاڻ ئي شاهدي ڏيندا هئا ته هي ڪلام ڪنهن انسان جو ڪلام نه آهي، ان جو مقابلو ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! **1400** سالن کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي، اڄ تائين قرآن مجيد جي مقابلي ۾ ڪو به ڪجهه به نه لکي سگهيو آهي ۽ نه ئي قيامت تائين ڪو اهڙو ڪجهه لکي سگهندو. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته قرآن الله پاڪ جو ڪلام آهي، ڪا به مخلوق ان جهڙو ڪلام ڪرڻ جي طاقت نه ٿي رکي.

قرآن جہاں بھر کی کتابوں سے جدا ہے | رتبے میں یہ اک نورِ خدا اور ہی کچھ ہے

## قرآن ڪريم جون ڪجهه اهم خاصيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ذهن ۾ سوال اڀرندو هوندو ته آخرڪار قرآن مجيد ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهه آهي جو ان جهڙو ڪلام لکي ئي نٿو سگهجي؟ علماءِ ڪرام ان بابت گهڻو ڪلام ڪيو آهي، قرآن ڪريم جي اعجاز (يعني معجزو هئڻ) تي ڪتابن جا ڪتاب لکيا ويا آهن، جن ۾ قرآن پاڪ جون اهي خوبيون تفصيل سان لکيل آهن جيڪي ڪنهن به ٻئي ڪلام ۾ نه ٿيون ملن. مان انهن مان صرف ڪجهه خوبيون بيان ڪريان ٿو:

## قرآن پاڪ ۾ جامعيت آهي

قرآن ڪريم تمام وسيع ڪلام آهي. ان جي هڪ هڪ لفظ ۾ ايتري گهرائي آهي جو ٿورن لفظن ۾ اهڙي گهرائي وارو مطلب بيان ڪرڻ، ڪنهن انسان جي وس جي ڳالهه ئي نه آهي. علماءِ ڪرام ان باري ۾ ايسيتائين لکيو آهي ته قرآن ڪريم جي هڪ هڪ آيت ۾ **60** هزار علوم موجود آهن. (2)

هي ايترو گهرائي وارو ڪلام آهي. ڀلا ڪير آهي جيڪو هڪ جملي يا هڪ آيت ۾ هيترا سارا علم بيان ڪري سگهي؟ يقيناً اها ڪنهن انسان جي وس جي ڳالهه نه آهي.

1...شرح الزرقانی،المقصد الرابع فی معجزاتہ ...الخ،جلد:6،صفحہ:428-429ملتقطًا۔
2...مرقاۃ المفاتیح،کتاب العلم،الفصل الثانی،جلد:1،صفحہ:453،تحت الحدیث:238۔

# اَلحَمد لفظ جي تفسير

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھما صحابيءِ رسول آهن، ڪين سُلْطَانُ الْمُفَسِّرِيْن چيو ويو آهي. هو قرآن ڪريم جا تمام وڏا عالم هئا. پاڻ فرمائيندا هئا: جيڪڏهن منهنجي اُٺَ جي مَهارَ گم ٿي وڃي ته مان اها قرآن پاڪ مان ڳولهي لهندس.[1]

اللّٰہُ اکبر! اندازو لڳايو! هو قرآن ڪريم جي ڪيتري سمجهه رکندڙ هئا. پاڻ فرمائن ٿا: هڪ دفعي اسان عشاء جي نماز ادا ڪئي، نماز کان پوءِ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضیٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ مون کي اڪيلائيءَ ۾ ملڻ لاءِ فرمايو. مان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. هنن فرمايو: اي عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ! سورة فاتحه جي پهرين آيت جي پهرين جملي اَلْحَمْدُ لله ۾ لفظ اَلِف جي معنیٰ ڇا آهي؟ مون لاعلمي جو اظهار ڪيو ته پاڻ لفظ اَلِف جي تفسير بيان ڪرڻ شروع ڪيائون، ڪيترائي ڪلاڪ ان ۾ گذري ويا. پوءِ پاڻ لفظ لام جي تفسير بيان ڪرڻ شروع ڪيائون، ان ۾ به ڪيترائي ڪلاڪ گذري ويا ۽ ائين ئي پاڻ اَلْحَمْدُ لله جي هڪ هڪ حرف جي تفسير بيان ڪندا رهيا، تان جو فجر جي اذان ٿي وئي.[2]

سُبْحٰنَ الله! اهو آهي قرآن ڪريم جو نرالو شان...!! هي ايتري گهرائي وارو ڪلام آهي.

# غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو

اسلام جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي خلافت جو زمانو هو، هڪ ڏينهن پاڻ مسجد ۾ آرام فرما هئا ته (سندن ڪنن تي آواز پيو) ڪو ماڻهو بلند آواز سان ڪلمو پڙهي رهيو هو. پاڻ هن کان ڪلمو پڙهڻ

1... الاتقان في علوم القرآن،النوع الخامس و الستون،صفحہ:495۔
2... اَلشَّرفُ المُؤَبَّدلالِ محمد ،المقصد الثانى،ابو الحسنين امير المؤمنين على ابن ابى طالب،صفحہ:63خلاصةً۔

جو سبب پڇيائون جنهن تي ان شخص وراڻيو: مان رومي آهيان، هاڻي هاڻي مان قرآن پاڪ جي هڪ آيت ٻڌي آهي، ڪو پڙهي رهيو هو:

وَ مَنۡ یُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ وَ یَخۡشَ اللّٰهَ وَ یَتَّقۡهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡفَآئِزُوۡنَ ﴿۵۲﴾
(پارو: 18، النور: 52)

ترجموڪنز العرفان: ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪري ۽ الله کان ڊڄي ۽ ان جي نافرماني کان ڊڄي، تہ اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن.

مون هن آيت تي غور ڪيو تہ دنيا ۽ آخرت جا اهي سمورا احوال، جيڪي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي نازل ٿيا هئا اهي سڀ جو سڀ هن هڪ ئي آيت ۾ گڏ ڪيا ويا هئا. جنهن سبب مان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس.

## قرآن اثر ڪرڻ وارو ڪلام آهي

قرآن ڪريم جي هڪ اهم خوبي اها آهي تہ هي تمام لذت وارو، منو ۽ پُرتاثير ڪلام آهي. هي طبيعتن تي اثر ڪرڻ وارو آهي، ان کي ٻڌجي تہ ٻڌندو ئي رهڻ تي دل ڪندي آهي، ان کي پڙهجي تہ پڙهندو ئي رهڻ تي دل چوندي آهي. ان کي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان اڪتاهٽ (يعني بيچيني) نہ ٿيندي آهي.

توهان تجربو ڪري ڏسو! پنهنجي پسنديده مصنف جو، پنهنجي پسند جو سڀ کان بهترين ڪتاب کڻو، ان کي پڙهڻ شروع ڪريو. هڪ ڀيرو پڙهندؤ، ٻہ ڀيرا پڙهندؤ، وڌ ۾ وڌ **100** ڀيرا پڙهندؤ، نيٺ اڪتاهٽ پيدا ٿي ويندي. پر قرآن اهو مبارڪ ڪلام آهي جو ان کي هڪ ڀيرو پڙهو يا هزار ڀيرا پڙهو، ان مان دل نہ ٿي ڀرجي، بلڪ اڃان وڌيڪ پڙهڻ جي خواهش پيدا ٿيندي آهي. حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قرآن اهو آهي جنهن جي برڪت سان خواهشون خراب نہ ٿينديون آهن، جنهن سان ٻيون زبانون مشتبہ نہ ٿينديون آهن، علماء ان مان سير نہ ٿيندا آهن، اهو بار بار دهرائڻ سان پراڻو نہ ٿيندو آهي ۽ نہ ئي ان جا عجائبات ختم ٿيندا آهن [1]

1... ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ما جاء فی فضل القرآن،صفحہ:675،حدیث:2906 ملتقطًا۔

# قرآن ڪريم جي ڪجھ حقن جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! الله پاڪ اسان کي اهڙو پاڪيزه ڪلام قرآن مجيد عطا فرمايو آهي، يقيناً اها اسان جي لاءِ وڏي سعادت جي ڳالھ آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! ۞ قرآن ڪريم ڪتابِ هدايت بہ آهي ۞ ڪتابِ رحمت بہ آهي ۞ ڪتابِ حڪمت بہ آهي ۞ ان جون ڪيتريون ئي خاصيتون آهن ۞ ان جون تمام گھڻيون برڪتون آهن. اسان کي غور ان ڳالھ تي ڪرڻو آهي تہ اسان جو قرآن ڪريم سان تعلق ڪيترو مضبوط آهي؟ اسان ان جو قدر ڪيترو ڪريون ٿا؟

۞ قرآنِ ڪريم جي هڪ هڪ ڳالھ تي پختو ايمان رکڻ ۞ جيڪو ڪجھ قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي ۞ ان کي حق ۽ سچ مڃڻ ۞ ان جي مقابلي ۾ پنهنجي عقل جا گھوڙا نہ ڊوڙائڻ ۞ قرآن پاڪ جي مقابلي ۾ غير مسلمن جي نظرين جي پوئلڳي نہ ڪرڻ ۞ اهو قرآن ڪريم جو سڀ کان پهريون ۽ بنيادي حق آهي.

۞ اهڙي طرح قرآن ڪريم سان محبت ڪرڻ ۞ ان جو خوب خوب احترام ڪرڻ ۞ ان جي گھڻي کان گھڻي تلاوت ڪرڻ ۞ ان کي سمجھڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ، قرآن پاڪ جي حقن ۾ شامل آهي. اسان کي گھرجي تہ قرآن مجيد جي انهن حقن کي پورو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيون.

فِلموں سے ڈِراموں سے دے نفرت تُو الٰہی | بس شوق مجھے نعت وتِلاوت کا خُدا دے

## تِلاوت قرآن جون فضيلتون

تمام گھڻي افسوس جي ڳالھ آهي تہ اسان جي معاشري ۾ آهستي آهستي قرآن ڪريم کان دُوري وڌندي پئي وڃي. هي اسان جي معاشري جو وڏو الميو آهي تہ اسين ماڻهو تلاوت ناهيون ڪندا. جڏهن تہ ۞ اسان کي صبح ۽ شام، ڏينهن ۽ رات تلاوتِ قرآن جي ترغيب ڏني وئي آهي ۞ تلاوتِ قرآن افضل

عبادت آهي[1] ۞ قرآنِ ڪريم جو هڪ حرف پڙهڻ سان 10 نيڪيون ملنديون آهن[2] ۞ قرآن پڙهڻ سان رحمت نازل ٿيندي آهي، فرشتا پَرَن سان سايو ڪندا آهن ۽ سڪون نازل ٿيندو آهي[3] ۞ جيڪو صبح جو قرآن ختم ڪري، ان جي لاءِ شام تائين ۽ جيڪو شام جو ختم ڪري تنهن جي لاءِ صبح تائين فرشتا رحمت جي دعا گهرندا رهندا آهن[4] ۞ قيامت جي ڏينهن قرآن، پنهنجي پڙهڻ وارن جي شفاعت ڪندو[5] ۞ قاريءِ قرآن، قرآن پاڪ پڙهندي پڙهندي جنت جا درجا چڙهندو ويندو[6] ۞ جيڪو نماز ۾ بيهي قرآن جي تلاوت ڪندو آهي ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي 100 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز ۾ ويهي تلاوت ڪندو آهي تنهن جي لاءِ هر حرف جي بدلي 50 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز کان علاوه باوُضو تلاوت ڪندو آهي ان جي اعمالنامي ۾ 25 نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ جيڪو بغير وضو تلاوت ڪندو آهي تنهن جي لاءِ 10 نيڪيون آهن[7] ۞ قاريءِ قرآن اسلام جي جهنڊي کي پڪڙڻ وارو آهي[8] ۞ قاريءِ قرآن الله پاڪ جو خاص بانهو آهي[9] ۞ قرآن پڙهڻ وارو عذابِ الٰهي کان محفوظ رهندو آهي[10] ۞ قرآن پڙهڻ وارو ان جي برڪت سان ترقي ڪندو آهي ۽ وڏا درجا حاصل ڪندو آهي[11]

اهڙا ثواب ۽ اهڙا فائدا آهن قرآن مجيد جي تلاوت جا، پر اسان تلاوت نه ٿا ڪيون. اسان کي گهرجي ته اسان تلاوتِ قرآن کي پنهنجي روزاني جي معمولات ۾ شامل ڪريون، جيئن ڪاڏي کان سواءِ اسان جو ڏينهن نه گذرندو

---

1... ڪنز العمال، ڪتاب الاذڪار، جز:1، جلد:1، صفحہ:257، حديث:2261۔
2... ترمذی، ڪتاب فضائل القران، صفحہ:676، حديث:2910۔
3... مسلم، ڪتاب الذڪر والدعا، صفحہ:1039، حديث:2699ماخوذاً۔
4... ڪنز العمال، ڪتاب الاذڪار، جز:1، جلد:1، صفحہ:261، حديث:2316۔
5... مسلم، ڪتاب صلاة المسافرين، صفحہ:290، حديث:804۔
6... ابو داؤد، ڪتاب:الوتر، صفحہ:241، حديث:1464 ماخوذاً۔
7... احياء العلوم، ڪتاب آداب تلاوة، الباب الثانی، جلد:1صفحہ:362۔
8... مسند الفردوس، جلد:2، صفحہ:135، حديث:2690۔
9... ڪنز العمال، ڪتاب الاذڪار، جز:1، جلد:1، صفحہ:258، حديث:2275۔
10... ڪنز العمال،ڪتاب الاذڪار،جز:1،، جلد:1، صفحہ:258، حديث:2267۔
11... ڪنز العمال،ڪتاب الاذڪار، جز:1، جلد:1، صفحہ:259، حديث:2289۔

آهي، تيئن ئي تلاوتِ قرآن به روح جي غذا آهي، ان ڪان سواءِ به اسان جو ڏينهن نه گذرڻ گهرجي.

يہی ہے آرزو تعلیم قرآن عام ہو جائے | تلاوت کرنا صبح و شام میرا کام ہو جائے

## دعوتِ اسلامي ۽ خدمتِ قرآن

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** دنيا ۾ فيضانِ قرآن کي عام ڪرڻ واري تحريڪ آهي. **دعوتِ اسلامي** اسان کي قرآن پڙهڻ به سيکاري ٿي، قرآن کي سمجهڻ جا ذريعا به فراهم ڪري ٿي ۽ قرآنِ مجيد کي سمجهي ان تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جا موقعا به فراهم ڪري ٿي.

مثال طور جيڪڏهن توهان قرآن مجيد سمجهڻ چاهيو ٿا ته ۞ دعوتِ اسلامي جي تحت هلندڙ ڪنهن به ويجهي جامعة المدينہ ۾ داخلا وٺي ڇڏيو.

درسِ نظامي يعني عالم ڪورس ڪري وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قرآنِ مجيد سمجهڻ به اچي ويندو ۽ ان سان گڏوگڏ **بخاري شريف**، **مسلم شريف**، **فتاويٰ شامي**، **احياءُ العلوم**، **فتاويٰ رضويہ شريف** وغيره علمِ دين جا وڏا وڏا ڪتاب نه رڳو پڙهڻ وارا بڻجي ويندؤ پر ٻين کي سيکارڻ وارا به بڻجي ويندؤ ۞ درسِ نظامي يعني عالم ڪورس 8 سالن جو آهي، جيڪڏهن اوهان وٽ ايترو وقت نہ آهي، مصروفيتون آهن، گهريلو مسئلا آهن ته ڪا ڳالهہ ناهي، آن لائن جامعة المدينہ ۾ داخلا وٺي گهر ويٺي ئي درسِ نظامي ڪري ڇڏيو ۞ جيڪڏهن اهو به مشڪل لڳي رهيو آهي ته قرآن مجيد جي ترجمي ۽ تفسير ڪورس ۾ داخلا وٺي ڇڏيو ۞ جيڪڏهن اهو به نه ٿا ڪري سگهو ته دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ترجمهِ قرآن **ڪنزالعرفان** مع تفسير **صراط الجنان** ۽ **معرفة القرآن** خريد ڪريو ۽ آسان اردو ۾ گهر ۾ ويٺي قرآن مجيد ترجمي ۽ تفسير سان پڙهو ۽ برڪتون حاصل ڪريو ۞ جيڪڏهن توهان ڪتاب خريدڻ ڪرڻ لاءِ پئسا خرچ نہ ٿا ڪرڻ چاهيو ته پنهنجي موبائل ۾ ***Al Quran With Tafseer*** نالي ايپلي ڪيشن ڊائونلوڊ ڪري، قرآن ڪريم جي تلاوت ڪريو، ترجمو پڙهو، تفسير پڙهو، سمجهو، جتي سمجهه ۾ نه اچي ته اَلْحَمْدُلِلّٰه مدني علماء، عاشقانِ رسول مفتيانِ ڪرام موجود آهن، انهن

ڪان پڇي ونو ۞ جيڪڏهن توهان وٽ موبائل به نه آهي، ايپلي ڪيشن به ڊائونلوڊ نه ٿا ڪري سگهو تڏهن به پريشاني جي ڪا ڳالهه ناهي، روزانو **15** ڪان **20** منٽ ڏيو! اَلْحَمْدُلِله! عاشقانِ رسول، مبلغينِ دعوتِ اسلامي مسجدن ۾ فجر جي نماز ڪان پوءِ **تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو** لڳائيندا آهن، جنهن ۾ روزانو گهٽ ۾ گهٽ **3** آيتون ترجمي ۽ تفسير سان پڙهي ٻڌايون ويندڀون آهن. روزانو **3** آيتون يعني هڪ سال ۾ **1,095** آيتون، يعني اسان روزانو **15** ڪان **20** منٽن جي ڪوشش سان اڍائي ڪان ٽن سالن ۾ پورو قرآن مجيد ٻڌي، سگهي ۽ سمجهي سگهون ٿا، هاڻي جيڪو ڪجهه سکيو آهي، ان کي ٻين تائين ڪيئن پهچائڻو آهي، ان جو به وڏو آسان طريقو آهي، عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! قرآن مجيد جون تعليمات سکڻ ۽ پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ قرآن ۽ سنت جي تعليم ٻين تائين پهچائڻ جو به بهترين موقعو نصيب ٿيندو ان سان گڏوگڏ الله پاڪ چاهيو ته دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون به نصيب ٿينديون.

الله پاڪ اسان کي قرآن ڪريم سان پنهنجو تعلق مضبوط ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ماهوار فيضانِ مدينه ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **ماهوار فيضانِ مدينه (Mahnama Faizan e Madina)** هن ايپلي ڪيشن ۾ اڄ تائين جاري ٿيل سڀئي ماهناما **PDF** جي صورت ۾ موجود آهن. ان ڪان سواءِ ۞ سڀني ماهوار جا مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ به موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو ۞ سهولت جي لاءِ سرچ آپشن به ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهنامي

جو ڪو بہ مضمون وغيرھ تلاش ڪري سگھجي ٿو. توهان بہ هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي سمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

## بيان کي ختم ڪرڻ کان اڳ هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## صحيح ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام جي ذهنن پلجندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** ٻليءَ جو رڙيون ڪرڻ منحوس نہ آهي ۽ نہ ئي ان جي ڪري ڪا مصيبت ايندي آهي.

**وضاحت:** عوام ۾ مشهور آهي تہ ٻلي جو رَڙَڻ منحوس آهي ۽ چوندا آهن تہ جنهن پاڙي يا گھر ۾ رات جي وقت ٻلي رڙيون ڪندي آهي اُتي ضرور ڪا مصيبت ايندي آهي يا ڪنهن جو انتقال ٿيندو آهي. ائين بلڪل بہ نہ آهي ۽ نہ ئي ان ڳالھ جو ڪو واضح ثبوت موجود آهي. ٻلي جي رڙيون ڪرڻ کي منحوس سمجھڻ يا ان کي مصيبت جو سبب سمجھڻ يا اهڙين ڳالهين تي يقين رکڻ بدشگوني آهي ۽ بدشگوني ڪرڻ ناجائز ۽ گناھ آهي. (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَاعَظِيْمُ

جيڪو شخص 7 دفعا يَاعَظِيْمُ پڙهي پاڻي تي دم ڪري ۽ اهو پاڻي پي ڇڏي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! پيٽ جي سُورَ کان محفوظ رهندو. (2)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...فتاوی اہلسنت غیر مطبوعہ، ماہنامہ فیضان مدینہ اکتوبر 2022ء۔

[2]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:251۔